ڊاڪٽر آزاد قاضي

# محمد ابراهيم جويو ۽ سنڌي ادبي بورڊ


***Abstract:***

*Muhammad Ibrahim Joyo was as Legend of Sindh, his contribution to Sindh, Sindhi Language & Literature is second to none, but his bigger and far more profitable contribution to Sindhi Literature, in his nurturing Sheikh Ayaz as Twentieth Century's greatest poet of Sindhi Language. He is an author of more than Sixty Books in English & Sindhi Languages.*

*He served for a decades as Secretary & Chairman, Sindhi Adabi Board.*
*In the capacity of founder Secretary of Sindhi Adabi Board, his contribution to Sindhi Literature is monumental with the support of Mr. G. M. Syed and Pir Hassamuddin Rashdi, he not only published innumerable books in the field of Literature and History of Sindh but made the Board one of the most important institutions of International repute and Standard in the arena of historical research, Language & Literature.*

*In this research paper a detail study has been made for his services, and contribution as Secretary Sindhi Adabi Board for building it's image in the world or Literature.*


١٩٥١ع ۾ آغا غلام نبي خان پٺاڻ جي دورِ وزارت ۾ سائين جي. ايم. سيد جي دلچسپيءَ ڪري ١٩٤٠ع ۾ محترم جي.ايم سيد جي وزارت تعليم دوران قائم ڪيل، 'سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ' جو نالو تبديل ڪري، ان جي 'سنڌي ادبي بورڊ' جهڙي جامع ۽ وسيع پروگرام رکندڙ اداري جي نالي سان نئين سر جوڙجڪ ڪئي وئي. تڏهن ان جامع الصفات اداري کي هلائڻ لاءِ سيڪريٽريءَ جي ڳولا ڪئي ويئي. ان وقت سائين جي. ايم. سيد، "ڊاڪٽر بلوچ ۽ هن (محمد ابراهيم) جا نالا بورڊ جي سيڪريٽريءَ لاءِ تجويز ڪيا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پگهار گهٽ هئڻ ڪري نہ آيو. آخرقرعہ ڦال محمد ابراهيم جويو جي نالي تي پيو." (سيد، ٢٠٠٥ع، ص: ٣١٤)

سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيڻ سان جويي صاحب جو علم ادب





۽ عالمن اديبن سان سڌي طرح ۽ بنهہ قريبي تعلق پيدا ٿيو، اهڙيءَ طرح کيس علم ۽ ادب جي ميدان ۾ پاڻ ملهائڻ ۽ قوم لاءِ ڪجھ ڪرڻ جو موقعو مليو. جنهن کي جويو صاحب پنهنجو پاڻ لاءِ خوش قسمتي تصور ڪندو هو. ان دؤر واري ڪم ڪار جو ذڪر ڪندي پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو: "ادبي بورڊ جو سمورو ڪم ڪتابن سان هو. ڪتابن سان ئي لاڳاپيل جيڪي ماڻهو هئا، تن سان مون کي گڏجي ڪم ڪرڻو پيو. سائين ميران محمد شاهہ، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سائين جي. ايم. سيد، حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، اهي ۽ ٻيا اهڙا علم دوست بورڊ جا ميمبر هئا، ميٽنگون ٿينديون هيون، انهن ۾ اسين تجويزون ڏاهيندا هئاسين ۽ رٿائين سلسلي سان ڪم ڪرڻو پوندو هو." (جويو ٢٠٠٣ع، ص: ١٢٩)

سنڌي ادبي بورڊ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ قائم ڪيل صلاحڪار بورڊ کي يارهن سالن بعد ١٩٥١ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' ۾ تبديل ڪيو ويو، جيڪو پوءِ ١٩٥٥ع ۾ خودمختيار ادارو بنيو. تڏهن ١٩٥١ع ۾ سائين جي. ايم. سيد جي دلچسپيءَ ۽ ذاتي تعلقات سبب جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري شپ قبول ڪئي. جويي صاحب بورڊ ۾ اچي محنت ۽ مشقت سان گهڻ پاسائون ڪم ڪيو. جنهن جو هر ڪوئي معترف آهي. جويي صاحب سان قريب رهندڙ ۽ سالن جا سال گڏ ڪم ڪندڙ جناب غلام رباني آگرو سندس ڪيل ڪم تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"انهن ڏهن سالن ۾ جنهن عشق سان سنڌ جي هن قومي اداري کي ڏاهيائين، تيئن ڪنهن شخص پنهنجي ذاتي گهر کي بہ ڪو نہ ڏاهيو هوندو. سنڌي زبان جي ترقيءَ جو بنيادي ڪم بورڊ ان ئي عرصي ۾ ڪيو." (آگرو، ١٩٩١ع،ص: ٦٢١)

جويو صاحب 'سنڌي ادبي بورڊ' جو پهريون سيڪريٽري هو، ڪيس اداري کي بہ ڏاهڻو هو تہ ان جي معياري ڪارڪردگي بہ ڏيکارڻي هئي، ان ڪري هن انهن ابتدائي ڏينهن ۾ وڏي محنت ۽ اورچائيءَ سان جيڪو ڪم ڪيو، اهو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، بقول غلام رباني: "شروعاتي ڏهن سالن جي عرصي ۾ بورڊ جو بنياد پڪو پختو ڪرڻ ۾ ڪانئس وڌيڪ ڪنهن بہ ڪم ڪو نہ ڪيو، هو بورڊ جي عمارت جي پيڙهہ جو پٿر هو. رڳو سرڪاري لکپڙهہ جو ڪم نيڪال ڪو نہ ڪندو هو. پر بورڊ جو علمي ڪم، ايڏي تہ اورچائيءَ سان ڪندو هو، جو حيرت لڳندي هئي تہ هن شخص ۾ محنت جو ايڏو مادو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيئن آهي.“ (جويو ٢٠٠٣ع، ص: ٢٢٥)

جويي صاحب کي اهڙي گهڻ رخي محنت ڪرڻ لاءِ، وقت ۽ حالتن جي روشنيءَ ۾ ڪي حدون اورانگهي ڪم ڪرڻو پوندو هوندو. انڪري رباني صاحب لکيو آهي تہ : ”سائين ميران محمد شاهہ چوندو هو تہ جويو تہ اسان ميمبرن کي ليکي بہ ڪو نہ ٿو. خبر ناهي اها ڳالهہ سائين جي. ايم. سيد تائين ڪيئن پهتي. پاڻ جواب ۾ چيائين تہ، ’جويو معنيٰ بورڊ‘.“(جويو، ٢٠٠٣ع، ص: ٢٢٤)

بورڊ جا اهي ابتدائي سال ئي سنڌ جي سياسي فضا ۾ گرم جوشيءَ وارو دؤر هو. پهريان پاڪستان جي مغربي حصي وارن چئن صوبن کي گڏي ون يونٽ ڪري ان جو نالو مغربي پاڪستان رکيو ويو. ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ لاءِ محترم جي. ايم سيد، قومي اڳواڻن سان گڏجي جدوجهد ڪري، حڪمت عملي جوڙي تہ ون يونٽ کي برقرار رکڻ لاءِ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري بنيادي انساني حق ئي ختم ڪيا ويا. سيني ادارن جي سرگرمين تي آفيسر شاهي قبضو ڪري ورتو. سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي سان ون يونٽ ڪانپوءِ وارين پيدا ٿيل حالتن کي سائين جي. ايم. سيد هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي بيان ڪيو آهي:

”ون يونٽ ٽيڻ ڪري مغربي پاڪستان طرفان بورڊ جي آئين کي بدلائڻ ۽ گرانٽن جو گهٽجڻ.

مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي تشڪيل جو بدلجڻ.

ڪيترن سنڌي اديبن جو انتقال ڪرڻ.“ (سيد، ٢٠٠٥ع، ص: ١٦٣)

اهڙين حالتن جي باوجود بہ ابراهيم جويي صاحب همت نہ هاري، پاڻ مستقل مزاجيءَ سان گهڻ پاسائون ڪم ڪندو رهيو. پر ظاهر ڳالهہ آهي تہ تبديل ٿيل ماحول جا بورڊ جي ڪمن ڪارين تي اثر پوڻ لازمي هئا. پر جويي صاحب انهن حالتن کي جيئن منهن ڏنو ۽ جا محنت ڪئي، ان بابت راءِ ڏيندي سائين جي. ايم. سيد چوي ٿو: ”بورڊ جي ڪم ۾ پوءِ جيڪا ڍرائي آئي، ان ۾ هن (جويو صاحب) جي صرف هيءَ خامي چئي سگهجي ٿي تہ حد کان وڌيڪ ڪم ڪري، هن پنهنجي صحت کي هڪ طرف نقصان پهچايو ۽ پاڻ کي حسد جو نشانو بڻائي طرف بڻايو.“ (سيد، ٢٠٠٥ع، ص: ١٦٣)





اهو حسد جو ئي نتيجو هو جو جويي صاحب خلاف هڪ وڏو محاذ ڪڙو ڪيو ويو. ان واويلائي حسد ۾ ساڙ واري ڪڙي ڪيل محاذ جو نہ رڳو جويو صاحب شڪار ٿيو، پر سندس همسفر دوست شيخ اياز ۽ سندس سرپرست محترم جي. ايم. سيد کي پڻ ان لهس ۾ لپيٽڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. جنهن جو وڏو دستاويز رشيد احمد لاشاريءَ جو لکيل ڪتاب ’ادب کي آڙ مين،‘ آهي، جنهن جي جواب ۾محمد ابراهيم جويي روشن خيال اديب قاسم پٽر کان دفاعي طور ’ادب کي نام پر‘ ڪتاب تيار ڪرايو. جنهن ۾ مختلف عالمن طرفان جويي صاحب جي ڪيل خدمتن جو ذڪر نمايان طور ٿيل آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ جو فرزند ۽ نامور شاعر مرزا اجمل بيگ ؛ جويي صاحب کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

”اهي بزرگ جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ زندگيون وقف ڪري چڪا آهن، اهڙن بزرگن جي ڊگهي لسٽ ڪانهي، بلڪ موجوده دؤر ۾ اهڙيون چند شخصيتون آهن، جيڪي صحيح معني ۾ اديب ۽ ٻوليءَ ۽ ادب جا خادم ۽ خيرخواهہ چئي سگهجن ٿا. بهرحال اهڙن واجب الاحترام بزرگن ۾ الحمد الله، الله پاڪ جل شانہ اوهان کي برگزيده ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نشرو اشاعت جي سلسلي ۾ جيڪو ڪم اوهان سرنجام ڏيئي چڪا آهيو، اهو هڪڙو ئي ڪم اوهان جي ننگ ۽ ناموس لاءِ ڪافي آهي.“ (پٽر، ١٩٦٨ع، ص :٨١)

سيد سان سياسي اختلافن ۽ بورڊ جي اندروني انتشار سبب جڏهن جويي صاحب کي واپس تعليم کاتي ۾ وڃڻو پيو، تڏهن مولانا غلام محمد گراميءَ رسالي ’مهراڻ‘ ۾ جويي صاحب جي خدمتن جي اعتراف طور لکيو:

”جويو صاحب بورڊ جو پهريون صاحبِ فن اديب ۽ منتظم هو، سندس علمي ادبي ۽ فني خدمتن جو اعتراف هر حلقۂ فکر وارن وٽ مسلمہ حقيقت حاصل ڪري چڪو آهي.“ (گرامي، ١-١٩٦١ع، ص: ٣)

جويو صاحب ١٩٥١ع ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي بنياد رکڻ وقت ميدان ۾ ان وقت آندو ويو، جڏهن بورڊ جي هر حوالي سان اڃا ابتدا هئي ۽ پيهر جڏهن ١٩٦١ع ۾ ڪيس واپس ’سنڌي ادبي بورڊ‘ ۾ آندو، تڏهن بورڊ جا بنياد هن مضبوط ڪري ورتا، جنهن جي ناماچاري ٿيڻ لڳي هئي ۽ ظاهر آهي تہ ان جو سمورو سهرو جويي صاحب



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏانهن ٿي ويو، جنهن جي سر تي سائين جي. ايم. سيد جهڙي سگهاري شخصيت جو شفقت ڀريو هٿ هو ۽ سائين جي. ايم. سيد وري حذب اختلاف ۾ هئڻ ڪري سرڪاري ڪارندن کي ناپسند هو، انڪري جويو صاحب بہ ڪيترن ماڻهن جي جهڙوڪر اک ۾ ڪنڊو هو. انڪري سندس خلاف مختلف محاذ ڪڙا ڪيا ويا. جنهن ۾ سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ پروپيگنڊا اها ڪئي وئي تہ هو اسلام ۽ پاڪستان جو مخالف آهي.ان جو اظهار ان دورِ جي نامور صحافي ۽ عالم دين مولانا خير محمد نظاماڻي هن ريت ڪري ٿو. ”مسٽر ايوب کهڙي جي چيئرمينيءَ جي دؤر ۾ ئي بورڊ جو سيڪريٽري مسٽر ابراهيم جويو، مسٽر جي. ايم. سيد جي مدد سان بورڊ جو مختار ڪل هو، ۽ اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي بيخ ڪنيءَ ۾ سرگرم عمل هو.“ (نظاماڻي، ١٩٨٥ع، ص: ٢٥٥)

جويي صاحب خلاف نہ رڳو فڪري حوالي سان محاذ کڙو ڪيو ويو، پر سندس عملي ڪارڪردگيءَ واري حوالي سان بہ بيجا قسم جي ۽ بنهہ غلط پروپيگنڊا ڪئي وئي ۽ اها بورڊ جي ابتدائي ڏينهن ۾ ئي هلائي وئي. ١٩٥٦ع ۾ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ اخبار ان نوعيت جو پرچار ڪندي لکيو: ”سنڌي ادبي بورڊ جو قيام سنڌ جي باشندن جي اهم ضرورت هئي. ليڪن ڇا (هن) سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ماڻهن جي انهن ضوررتن کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو آهي، يا انهيءَ ڏس ۾ ڪو قدم بہ وڌايو آهي؟ اسان وٽ انهيءَ جو جواب نفيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن وٽ انهيءَ جو اثباتي جواب آهي، تہ انهيءَ جو ڪيس ثبوت ڏيڻ گهرجي.“

اهڙي بنهہ غلط ۽ اجائي پرچار جي جواب طور، جويي صاحب ڏاڍي ڌيرج سان ’مهراڻ‘ ٣- ١٩٥٦ع واري پرچي ۾ ان سوال جو جواب ڏيندي لکيو: ”اسان پنهنجي هن معزز معصر جا شڪر گذار آهيون، جو هن اسان جو ايڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. جيتوڻيڪ سندس مدير محترم پڻ بورڊ جو ميمبر آهي ۽ ڪيس بورڊ جي ڪارگذارين جي مفصل خبر آهي، تنهن هوندي بہ ڀانئجي ٿو تہ جڏهن پاڻ مٿيون رايو بورڊ متعلق قلمبند ٿي ڪيائين، تڏهن سندس سامهون اهي چيزون موجود ڪين هيون. هي موقعو غنيمت ڄاڻي هتي مهراڻ ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ بورڊ جي ڪم جي مختصر ڪيفيت پيش ڪئي وئي آهي.“ (جويو، ٣- ١٩٥٦ع، ص: ٣)

اهڙي ريت جويي صاحب موقعي جو فائدو وٺندي ساڳئي ئي پرچي ۾ ڇهن





صفحن تي ٻڌل بورڊ جي مڪمل ڪارڪردگي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري ڇڏي، جنهن جي شروعات ۾ لکيائين: سنڌي ادبي بورڊ هڪ قومي ادارو آهي، جنهن جو واحد مقصد سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي علم ادب کي فروغ ڏيڻ آهي. سنڌي ادب ورهاڱي کان پوءِ جنهن ڪسمپرسيءَ جو شڪار ٿيل هو، ان جي اپٽار ڪرڻ ڪانسواءِ هيءَ ڳالهہ پوري پروسي سان چئي سگهجي ٿي تہ ادب جي انهيءَ جمود ۽ پسماندگيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي محدود وسيلن ۽ وس آهر ڪافي جدوجهد ڪئي آهي. هن وقت تائين بورڊ انهيءَ ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان جو مختصر تفصيل پڙهندڙن جي عام واقفيت لاءِ هتي عرض رکجي ٿو.

”سڀ کان پهريائين، بورڊ محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن ڪتابن جي صحت ۾ سليقو، جلدبنديءَ ۾ سونهن ۽ جٽاءُ ۽ قيمتن ۾ هلڪائي ۽ ڪشش آڻڻي آهي، تہ ان لاءِ چڱي موچاري پيماني تي خاص پنهنجو هڪ ڇاپخانو قائم ڪرڻ گهرجي. ان ڪري ان جو فوراً اهتمام ڪيو ويو، ۽ بورڊ جو اهو ڇاپخانو سنڌ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن ۾ هر وقت ڏيڍ لک کن جي مشنري ۽ ٻيو سامان موجود آهي.

ساڳئي وقت، نون ڪتابن لکرائڻ، ڌارين ٻولين تان ترجمن ڪرائڻ ۽ اڳ ڇپيل مگر ناپيد ٿي ويل ڪتابن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جو هڪ پروگرام تيار ڪيو ويو، جنهن تي آهستگيءَ ۽ خاموشيءَ سان باقاعدي عمل ٿي رهيو آهي.“ (مهراڻ، ٣- ١٩٥٦ع ص: ٢٢٨)

مٿي ذڪر ڪيل تمهيدي بيان کانپوءِ جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي ان وقت تائين ٿيل ڪم جو جائزو وٺندي، پهريون ابتدائي شايع ٿيل ڪتابن جو ذڪر ڪيو، ”جن ۾ سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ڪتاب جهڙوڪ: تاريخ معصومي، چچ نامو، تاريخ ريگستان ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ مان ڪليات حمل، ديوان بيدل ۽ سنڌ جو سينگار وغيرهہ. جو ذڪر ڪرڻ بعد مرزا قليچ بيگ ۽ شمس الدين بلبل جي اڻ لڀ مواد کي ٻيهر شايع ڪرڻ سان گڏ، ان وقت تائين ٻيهر شايع ڪيل ٻارهن ڪتاب جو تفصيل پيش ڪيو. جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ( ڀيرو مل)، گل شڪر (ڪيولرام) گل ڦل (پرمانند ميوارام) بلو کوکر (صاحب سنگهہ) ۽ هدايت النسا (هدايت الله ’مشتاق‘) وغيرهہ شامل هئا. ان وضاحت ڪرڻ بعد جويي صاحب ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ سنڌي پرائمري اسڪولن جي درسي ڪتابن جي اڻاٺ، غلط ڇپائي ۽ زيب ۽ ناقص اشاعت جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مسئلو ورهاڱي کانپوءِ انتهائي خطرناڪ صورت وٺي بيٺو هو. سنڌي ادبي بورڊ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي چوڻ تي اول پهرئين ڪتاب ۽ پوءِ ٻئي ۽ ٽئين ڪتاب جي ڇپائي ۽ اشاعت جا فرض پاڻ تي هموار ڪيا. گهربل تعداد ۾ اهي درسي ڪتاب صحيح، مضبوط ۽ ديده زيب صورت ۾ شايع ڪري، سنڌ ۾ ابتدائي تعليم جي ڪم از ڪم هنن ٽن ڪتابن جي مسئلي کي خاطر خواهه انداز ۾ حل ڪيو ويو آهي". (جويو، ١٩٥٦ع، ص: ٢٣١)

تنهن بعد انهن ٢١ ڪتابن جي لسٽ پيش ڪئي ويئي، جيڪي آهستي آهستي شايع ٿيڻ لاءِ تيار ٿيا پيا هئا. جن ۾ رسالو سچل سرمست، ڪليات گدا، ڪليات خادم، جنت السنڌ، سنڌ جي درٻار، تذڪراءِ امير خوانيءَ جهڙا ڪتاب شامل هئا. اهڙيءَ ريت اهڙن نون اهم ڪتابن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو، جيڪي ان سال (١٩٥٦) ۾ تيار ٿيا هئا، جهڙوڪ: سنڌي ٻولي جو گرامر( واحد بخش شيخ)، ديوان بيڪس (عبدالحسن موسوي) وغيره.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي تاريخ ٢ جلد (ايچ. ٽي لئمبرڪ)، سنڌ جا فارسي شاعر (ڊاڪٽر سدارنگاڻي)، برهانپور ڪي سنڌي اولياءَ (راشد برهانپوري)، سنڌ جي تاريخ جلد ڇهون (غلام رسول مهر) جهڙن ڪتابن جي تيار هئڻ جو پڻ اظهار ڪيو ويو. ان تفصيل ڏيڻ کانپوءِ جويي صاحب لکيو: "هن وقت بورڊ جي اڳيان ٻه اهڙيون اسڪيمون پڻ آهن جن لاءِ الڳ ٻن اکرن چوڻ جي ضرورت آهي، هڪ سنڌي لوڪ ادب جي گڏ ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جي اسڪيم، ۽ ٻي سنڌ جي تيار ٿيل فارسي عربي ادب کي نئين سر ترتيب ڏيئي شايع ڪرڻ جي اسڪيم." (جويو، ٣- ١٩٥٦ع، ص: ٢٣٣)

اهڙيءَ ريت جويي صاحب بورڊ جي سموري ڪارڪردگي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري، غلط پروپيگنڊا ڪندڙن کي لاجواب ڪري ڇڏيو. جويو صاحب ان وقت تائين محنت ۽ اورچائيءَ سان ايترو ته پنهنجو پاڻ مڃائي چڪو هو، جو هانگ ڪانگ ۾ ويٺل پير علي محمد شاهه راشدي به سندس خدمتن جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نه سگهيو ۽ اتان هڪ دوست کي لکيائين: "جويي صاحب جي واپسيءَ جي خبر پڙهي دل خوش ٿي. سندس ائڊريس جي مون کي خبر ناهي اوهان ان کي منهنجي پاران خوش آمديد چوندا. سنڌ جي نئين ادبي ۽ علمي زندگي جو امام آهي. الله ان کي خوش رکي." (پٽر، ١٩٦٨ع، ص: ٤٣)

جويي صاحب جي بورڊ ۾ واپسيءَ تي سرهائي جو اظهار ڪندي گرامي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





صاحب مهراڻ ۾ لکيو: "شڪر آهي جو اهڙي ڪارائتي ۽ محنتي، تجربيڪار ۽ اهل فن منتظم کي دوبارا سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. جويي صاحب پنهنجي تعليم کاتي واري ڪم ڪار سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم کي اعزازي طرح سنڀالڻ جو ذمو پاڻ تي هموار ڪري، ادب جي خدمت جي سلسلي ۾ جنهن ايثار جو مظاهرو ڪيو آهي، اهو قدر جي لائق آهي. دعا آهي ته سنڌي ادبي بورڊ جي سلسلي ۾ جويو صاحب شال پنهنجي گذشته دؤر وانگر ڪامياب ٿئي."(مهراڻ ٣- ١٩٥٦ع، ص: ٣)

جويي صاحب جي اعزازي سيڪريٽري شپ وارو اهو دؤر، جولاءِ ١٩٦٧ع تائين هليو. ان وقت تائين جويي صاحب جي ڪوشش سان سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ عربيءَ ۾ مختلف موضوعن تي ٽي چار سؤ اعليٰ معياري ڪتاب شايع ٿي چڪا هئا.

جويي صاحب بورڊ جي ملازمت ۾ داخل ٿيندي ئي هڪ اهم ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو هو، سو هو سنڌيءَ جي پراڻي اڳ ڇپيل، پر ناياب ڪتابن کي نئين سر سنواري سڌاري شايع ڪرائڻ، ۽ ان سلسلي ۾ جيتوڻيڪ سنڌي ادبي بورڊ هن پنهنجي اشاعتي پروگرام جو هڪ شعبو خاص اهڙن معياري مگر ناياب ڪتابن جي از سرنو طبا عت ۽ اشاعت ۾ مصروف رکيو، پر اهو سمورو ڪم جويي صاحب جي خاص نظر داريءَ هيٺ ٿيندو هو، جنهن جو ثبوت بورڊ پاران شايع ٿيل اهڙن ڪتابن ۾ ناشر طرفان ٻه لفظ وارين تحريرن مان ملي ٿو. اهو ايترو معياري ڪم ان ڪري ٿي سگهيو جو بقول گرامي صاحب: "ڪي ماڻهو پنهنجي خداداد نعمتن جي ڪري، فڪر انگيز ۽ تاريخ ساز ٿين ٿا، جويي صاحب کي اگر ائين نه چئجي، ته به ڪيس 'اداره ساز' ته چئي سگهجي ٿو. سندس جدوجهد ۽ محنت سان هڪ طرف سنڌي ادبي بورڊ جي پوري تاريخ ۽ ڪاميابي وابسته آهي ته ٻئي طرف اديبن ۽ شاعرن جو هڪ وسيع حلقو پڻ آهي، جو سندس تربيت ۽ صحبت جي پيداوار آهي."(مهراڻ، ٣- ١٩٦٧ع، ص: ٩)

جويي صاحب طرفان ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ، سنڌي ادبي بورڊ واري حوالي سان ڪيل محنت بابت سندس محسن سائين جي. ايم. سيد جا هيئنان جملا هن لاءِ وڏي اعزاز جو درجو رکن ٿا. سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو: "هن اميدن کان وڌيڪ ڪاميابي ڏيکاري. بورڊ ۾ هن پگهار دار جي حيثيت سان ڪم نه ڪيو آهي، بلڪ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي زبان جي مشنريءَ ۾ هڪ قوم پرست سنڌي خادم طور ڪم ڪيو.“(سيد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۱۴)

جويي صاحب جي اهڙي پورهيي جي تصديق ڪندي، ساڻس سالن جا سال ڪم ڪندڙ محترم غلام رباني آگرو لکي ٿو: ”مون زندگيءَ ۾ محنتي ماڻهو گهٽائي ڏٺا، پر جويي صاحب جهڙو ڪو نه ڏٺو. بورڊ ۾ جيڪي ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ايندا هئا، تن ۾ ٻوليءَ جون گهڻيون غلطيون هونديون هيون. جويو صاحب انهن تي ڏاڍي محنت ڪندو هو. پر ڪتاب تي نالو ڪو نه ڏيندو هو. سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ست جلد آهن. پهرين ٻن جلدن ۽ پوين جلدن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، چو ته پهريان جلد جويي صاحب جا درست ڪيل آهن. پر انهن ۾ به جويي جو نالو ڪٿي نظر ڪو نه ايندو.“(آگرو، ۱۹۹۱ع، ص:۲۲۶)

اهڙيءَ ريت جويو صاحب سنڌي ادبي بورڊ کي نه رڳو پاڪستان پر پاڪستان کان ٻاهر بين الاقوامي معيار جي اعليٰ معياري علمي اداري طور ٺاهي، جوڙي دنيا وارن عالمن کان ان جي علمي حيثيت مڃائڻ ۾ ڪامياب ويو.

اهڙيءَ ريت بورڊ جي وجود ۾ اچڻ سان سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ مختلف ميدانن ۾ گهڻ پاسائين ڪم جي شروعات ڪئي ويئي، جن سيني ڪمن کي پايهٔ تڪميل تائين پهچائڻ جون سموريون ذميداريون جويي صاحب جي سرتي هيون.

جويي صاحب جي نظرداريءَ هيٺ هلندڙ سنڌي ادبي بورڊ جون خاص رٿائون هن ريت هيون:

۱. بورڊ جا رسالا ’ٽه ماهي مهراڻ‘ ۽ ’ماهوار گل ڦل ‘جن مان رسالي مهراڻ جو جويو صاحب ۱۹۵۵- ۱۹۵۶ع وارا سال سڌيءَ طرح ايڊيٽر تي ڪم ڪيو .

۲. مختلف موضوعن تي عالمي دنيا جي شاهڪار ڪتابن جا ترجما ڪرائڻ.

۳. ڌار ڌار حصن تي ٻڌل دؤر وار سنڌ جي جامع تاريخ تيار ڪرائڻ.

۴. سنڌ جي لوڪ ادب کي هٿ ڪرائي شايع ڪرائڻ .

۵. سنڌ بابت فارسي، عربي ۽ انگريزي قلمي ڪتابن کي شايع ڪرائڻ.

۶. جامع سنڌي لغات تيار ڪرائڻ.

۷. دنياءِ اسلام بابت لکيل قديم ديني ادب جا مخطوطا ۽ شايع ٿيل قديم





ڪتاب هٿ ڪري نئين سر شايع ڪرائڻ.

هونئن ته مٿي ذڪر ڪيل هر ڪم جويي صاحب جي دل وڻان هو، پر پاڻ جوانيءَ کان وٺي جن روشن خيال ۽ ترقي پسند لاڙن جو حامل هو، انهن جي مدنظر ڪي ڪم سندس مزاج کان مختلف هئا، پر پوءِ به پاڻ انهن کي پنهنجي فرض منصبي جو حصو تصور ڪندي خوش اصلوبيءَ سان سرانجام ڏنائين. ان سلسلي ۾ پاڻ لکي ٿو: ”پبلڪ سروس جي اخلاقيات مطابق پنهنجي ڪم ۾ مون لاءِ پنهنجي ذاتي پسند ناپسند جي بنياد تي ڪم ڪرڻ لاءِ نه گهٽي گنجائش هئي ۽ نه اخلاقي طور اهڙي ڪا ڇڙواڳي يا آزادي، بورڊ جا اغراض ۽ مقاصد واضح هئا.“ (جويو ۲۰۰۳ع، ص: ۱۳۰)

جويي صاحب جو سيڪريٽري شپ وارو اهو دؤر فيبروري ۱۹۶۱ع تائين هليو.”ان عرصي ۾ هن سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪيو. انتظامي ذميوارين کان علاوه بورڊ جي ٺهرائن کي عملي جامو پهرائڻ، ڇپيندڙ ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ، ويندي پروفن تپاسڻ جي ڪم تائين هن نظرداري ڪئي.“ (سيد، ۲۰۰۵ع، ص : ۳۰۳)

جويي صاحب انهن ابتدائي ڏينهن ۾ ئي سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم کي معياري ڪرڻ لاءِ جنهن جا نفشانيءَ سان ڪم ڪيو، سندس ان اورچائي سان ڪيل محنت طرف اشارو ڪندي سائين جي. ا يم. سيد لکي ٿو: ” هن سنڌي ادب لاءِ مشنري جذبو ڏيکاريو آهي. جهڙوڪ ڊاڪٽر عبدالحق اردو ادب لاءِ ڏيکاريو هو، پهرين اٺن سالن ۾ بورڊ، جو ڪم ڏيکاريو، اهڙو شايد پاڪستان يا هندستان جي ٻئي ڪنهن به اداري مشڪل ڪيو هوندو.“ (سيد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۱۳)

پاڻ جنهن جانفشانيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪمن ڪارين ۾ دلچسپي ورتي، هن نئين جمندڙ اداري کي نه رڳو پيرين پنڌ ڪرايو، پر ان کي عالمي معيار وارن ادارن جي صف ۾ ٻيهاري ڏيکاريو. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو اداري ۾ ڪم ڪندڙ ڪن شخصن ساڻس حسد ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ پهريان ڪانئس رسالي مهراڻ جي ادارت واپس ورتي ويئي. تنهن بعد ۱۹۶۱ع ۾ ڪجهه عرصي لاءِ هو تعليم کاتي ڏانهن واپس موڪليو ويو، پر ان وقت تائين گرامي صاحب جي بقول،”ڪل ننڍا وڏا سوا سؤ کان مٿي ڪتاب شايع ٿيا، جي علم ۽ ادب جي هر صنف تي معياري ۽ تحقيقي

ڪتاب ڪري تسليم ڪيا ويا آهن.“(گرامي، ٣- ١٩٦٣ع) سنڌي ادبي بورڊ جي انهن ابتدائي ڏهن سالن جو ذڪر ڪندي، غلام رباني آگرو لکي ٿو: ”ڏهن سالن ۾ جنهن عشق سان سنڌ جي هن اداري کي ٺاهيائين، تيئن ڪنهن شخص پنهنجي ذاتي گهر کي بہ ڪو نہ ٺاهيو هوندو. سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ جو بنيادي ڪم بورڊ ان ئي عرصي ۾ ڪيو.“ (آگرو، ١٩٩١ع، ص: ٢٢٤)

ڪن ماڻهن جي چرچ ۽ جهڻ پٽ تي هو ادارو ڇڏي تہ ويو، پر پٺيان بورڊ جو ڪم مقرر ڪيل معيارن تي هلي نہ سگهيو. انڪري بقول سيد: ”ڪانئس پوءِ بورڊ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ مختلف صاحبن ڪوشش ورتي، پر حالتون معمول تي اچي نہ سگهيون، انڪري بورڊ طرفان حڪومت کي هن جي خدمت ڏيڻ لاءِ (وري) عرض ڪيو ويو.“ (سيد، ٢٠٠٥ع،ص: ٣١٣)

اهڙيءَ ريت جويي صاحب ١٩٦٣ع ۾ ٻيهر بورڊ ۾ سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، پر هن ڀيري تعليم کاتي ۾ بہ خاص طور درسي ڪتابن جي سنوار سڌار جي سلسلي ۾ سندس ضرورت هئي، پر سنڌي ادبي بورڊ جنهن سان سندس پيار وارا پيچ پيل هئا، ان سان نينهن نڀائڻ لاءِ ڪيس سنڌي ادبي بورڊ ۾ اعزازي طور ڪم ڪرڻو پيو. اهڙيءَ ريت پاڻ سنڌ ۽ سنڌي ادب جي محبت ۾ ٻيڻي محنت ڪرڻ لڳو.

سندس اها محنت مشقت ۽ اورچائي هئي، جنهن ڪري ڪيس رٽائرمينٽ کان گهڻو پوءِ وقت جي حڪومت اهو چئي، بورڊ جو چيئرمين ٿيڻ لاءِ راضي ڪيو: ’جيڪڏهن اوهان اها آڇ قبول نہ ڪندا تہ ادبي بورڊ کي بند ڪرڻو پوندو.‘

## حوالا


١. آگرو، غلام رباني،١٩٩١ع، ’جهڙا گل گلاب جا‘، سنڌي ادبي بورڊ. ڄام شورو، ص:٢٢١.
٢. ساڳيو، ص:٢٢٤.
٣. پٺر محمد قاسم، ١٩٦٨ع، ’ادب کي نام پر‘،ص:٨١.
٤. جويو، تاج، ٢٠٠٣ع، ’سپاجهو ساڄاهہ وند‘، محمد ابراهيم جويو، ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد.ص:٢٢٤.







٥. سيد، جي. ايم، ٢٠٠٥ع، ’جنب گذاريم جن سين‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص:١٦٣.
٦. نظاماڻي، ١٩٨٥ع، ’تنقيدون ۽ تجويزون‘، سنڌ نيشنل اڪيڊمي، حيدرآباد، ص: ٢٥٥.


## رسالا


١. جويو، محمد ابرهيم، ’ٽہ ماهي مهراڻ‘، ٣- ١٩٥٦ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي،ص:٤.
٢. ساڳيو،ص: ٢٢٨.
٣. ساڳيو.ص: ٢٣٣.
٤. ساڳيو،ص: ٣.
٥. گرامي، غلام محمد، ١- ١٩٦١ع، ’ٽہ ماهي مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص: ٣.
٦. گرامي، غلام محمد، ’ ٣-١٩٦٣ع، ’ ٽہ ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
٧. گرامي، غلام محمد، ٣-١٩٦٧ع، ’ ٽہ ماهي مهراڻ‘ ،سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.ص:٩.